# سچل سرمست جا بيتَ

سچل سرمست جو اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. هُو سن **1152**ھ بمطابق **1739**ع ۾ ڄائو هو، انهيءَ وقت سنڌ تي ڪلهوڙا حڪومت ڪندا هئا. پر هُو ٽالپرن جي دور جو بهترين شاعر ليکيو وڃي ٿو.

سچل سرمست ستن ٻولين ۾ شعر چيو آهي. انهيءَ ڪري کيس "هفت زبان شاعر" سڏيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن بزرگ ۽ شاعر **14** رمضان **1242**ھ بمطابق **1827**ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار راڻيپور جي ڀرسان درازن جي ڳوٺ ۾ آهي.

شال نہ وسرين هوت، ٻيو سڀ مون وسري،
مون کي تائين موتَ، هُئين اکڙين ۾.

منهنجو اندر اڌ ڪيو، فنا هن فراق،
مري ٿي مشتاق، ڪاڪر وَرَ، وِلهيءَ جي.

آريءَ جي اچڻ جي، روز نهاريان راهه،
آڻيندس الله، مون سر صدقي ڪيو.

ساري شهر ڀنڀور جي، ڇَڏِي لوڪ لذت،
توريءَ ڏئي ڪونہ ڪو، ماڻهو عام عزت،
ٿئي ساهه صحت، ڀيهر ڀاروچا اچين.

پيهي پروڙيومِ، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيومِ،
صحيح ڪن ڪيومِ، ته غير گمانُ اُٿي ويا.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت سچل سرمست جي "هوت" مان مراد ڪهڙي آهي؟
2- پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ شاعر جو ڪيئن ٿو وقت گذري؟
3- پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ سسئيءَ کي پنهور ڪيئن ٿو نظر اچي؟

(ب) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو:

اکين ۾ هجڻ- لذت چکڻ- سر صدقو ڪرڻ.

(ج) صفت: "مٺو انب يا کٽو انب" ۾مٺو ۽ کٽو انب جي خاصيت ڏيکارين ٿا، اِن کي گرامر ۾ صفت چئبو آهي. توهين اهڙا ڪي ٻيا مثال ڏيو.